سيرت طيَبهَ جَاڪَي پهلوُ

ولادت، ننڍپڻ ۽ جواني

غلام رباني آگرو

حضور ﷺ جن جي ولادت، با سعادت، سومر ڏينهن، 12 ربيع الاول تي سنه عامه الفيل ۾ ٿي (1). سندن والد بزرگوار عبدالله اڳيئي وفات ڪري چڪو هو. پاڻ ڇهن ورهين جا ٿيا، ته سندن والده بيبي آمنه پڻ هي جهان ڇڏي ويئي. چنانچه، پاڻ سڳورا پنهنجي ڏاڏي عبدالمطلب بن هاشم سان گڏ رهندا هئا. پر جڏهن اٺن ورهين جي عمر جا ٿيا، ته عبدالمطلب پڻ وفات ڪري ويو. ان ڪانپوءِ سندن پرورش سندس چاچي ابوطالب ڪئي.

عربن ۾ دستور هوندو هو ته کير پياڪ ٻار کي ٿڃ لاءِ ڪنهن قبيلي ۾ موڪلي ڏيندا هئا. هڪ دفعي مڪي ۾ بني سعد جون ڏهه زالون آيون. ٻين مڙني کي ته ٻار ملي ويا پر هڪ رهجي ويئي، جنهن جو نالو حليمه هو. اها سعادت

دائي حليمه جي ئي قسمت ۾ لکيل هئي ته حضور ﷺ جن کي ٿڃ پياري. چنانچه حضور ﷺ جن کي هنج ۾ کڻي گهر رواني ٿي. حضور ﷺ جن ان طرح ننڍپڻ جا ڪجھ سال قبيلي بني سعد ۾ گذاريا.

مڪي ۾ بني لهب قبيلي جو هڪ شخص هوندو هو جو پيشنگويون ڪندو هو. آسپاس جا ماڻهو جڏهن مڪي ايندا هئا ته پنهنجن ٻارن کي انهيءَ شخص وٽ وٺي ويندا هئا. چنانچه ابوطالب پڻ هڪ دفعي حضور ﷺ جن کي انهيءَ شخص وٽ وٺي ويو. هن حضور ﷺ کي ڏسي چيو:"خدا جو قسم، هن يتيم جو وڏو شان ٿيندو".

اهڙي ساڳي ڳالھ ابوطالب سان ٻئي هڪ شخص پڻ ڪئي. ابوطالب واپار ڪندو هو. هڪ دفعي واپاري قافلي سان شام ملڪ ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪيائين. حضور ﷺ جن به سفر جو شوق ظاهر ڪيو. ابوطالب کين ساڻ ڪري سفر تي نڪتو. قافلو منزلون ڪندو، شام ۾، بغرا نلا هڪ هنڌ پهتو، جتي بحيرا نالي هڪ عيسائي راهب رهندو هو، جو تمام وڏو عالم هوندو هو.

بحيرا واپاري قافلي جي دعوت ڪئي، سڀ ماڻهو وٽس دعوت کائڻ ويا، پر حضور ﷺ جن ننڍڙيءَ ڄمار سبب، انن جي ڪجاون وٽ، هڪ وڻ هيٺان ويٺا رهيا. بحيرا مهمانن کان پڇيو ته ڪو پٺتي رهجي ته ڪو نه ويو آهي؟ مهمانن چيو ته سڀ آيا آهيون، رڳو هڪ ننڍي ٻار کي ڪجاون وٽ ڇڏي آيا آهيون. بحيرا چين ته ان ٻار کي به وٺي اچو مجلس مان هڪ شخص ويو ۽ حضور کي وٺي آيو. بحيرا حضور ﷺ جن کي غور سان ڏسڻ لڳو ۽ پوءِ سندن جسم مبارڪ تي ڪو خاص نشان ڳولڻ لڳو. جاچي جاچي نيٺ حضور ﷺ جن جي پٺيءَ تي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ اهو نشان(مهر نبوت) ڏٺائين.

پوءِ ابو طالب کان پڇيائين ته هي ٻار تنهنجو ڇا ٿئي؟ هن وراڻي ڏنس ته منهنجو پٽ آهي. بحيرا چيس ته ائين ٿي نٿو سگهي. هن ٻار جو والد پڪ ئي پڪ هي جهان ڇڏي چڪو آهي. اهو ٻڌي ابو طالب چيس ته برابر ائين آهي. هي منهنجو ڀائٽيو آهي، پر مان پيار سبب کيس پٽ سمجهندو آهيان. بحيرا چيس تڏهن منهنجي ڳالهه ٻڌ. تون پنهنجو سفر جلد پورو ڪري، واپس مڪي وڃ ۽ پنهنجي ڀائٽي کي يهودين کان بچاءِ. جيڪڏهن هتي ڪن يهودين

ڪيس ڏسي ورتو ته ڪين به اهو سڀ ڪجهه معلوم ٿي ويندو، جنهن جي مون کي خبر پئجي وئي آهي. پوءِ متان هو ڪيس نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪن. مون کي خدا جو قسم آهي ته تنهنجي ڀائٽي جو وڏو شان ٿيندو.

جڏهن حضور ﷺ جن جوانيءَ ۾ قدم رکيو ته الله پاڪ سندن حفاظت ڪئي ته جيئن جاهليت جي قباحت کانئن پري رهي، ڇو ته الله پاڪ سندن شان بلند ڪرڻ ٿي گهريو ۽ کين رسالت جو اعليٰ منصب عطا ڪرڻ ٿي چاهيو. چنانچه، جڏهن پاڻ بلوغت جي سن کي پهتا ته پنهنجي قوم ۾ مروت جي لحاظ کان بهترين، اخلاق ۾ سڀني کان سٺا، حسب نسب ۾ سڀني کان شريف، علم ۽ فضل ۾ مڙني کان مٿي، ڳالهه ٻولهه ۾ سڀني کان سچا، ايمانداريءَ ۾ سڀني کان اڳتي ۽ پاڪ دامني ۾ بي مثال هئا ۽ انهن مڙني عيبن کان، جيڪي مشهور ماڻهن جي دامن کي داغدار ڪندا آهن، ڪوهين دور هئا. چانچه، انهن خوبين جي ڪري سڄيءَ قوم ۾"امين" جي لقب سان مشهور ٿي ويا.

نڪاح ۽ اولاد

جڏهن پان سڳورا پنجويهن ورهين جي ڄمار جا ٿيا ته بيبي خديجه رضه سان نڪاح ڪيائون. بيبي صاحبه مڪي جي هڪ شريف مالدار ۽ تاجر خاتون هئي، ماڻهن کي مال ڏيئي ڏيساورن ڏانهن واپار لاءِ موڪليندي هئي.

بيبي صاحبه جڏهن حضور جن جي ايمانداريءَ جي هاڪ ٻڌي تڏهن کين آڇ ڪيائين ته منهنجو مال کڻي واپار تي وڃن.

حضور ﷺ جن بيبي صاحبه جي ڳالهه قبول ڪئي ۽ واپار جي سانگي سان شام ڏانهن ويا. اتي مال نيڪال ڪري، وري اتان جو واپاري مال وٺي، مڪي موٽي آيا. بيبي صاحبه جڏهن اهو مال مڪي ۾ نيڪال ڪيو ته کيس ٻيڻو فائدو ٿيو. اهو ڏسي بيبي صاحبه حضور ﷺ جن جي حسن اخلاق ۽ ذهانت کان ڏاڍي متاثر ٿي ۽ کين نڪاح لاءِ پيغام موڪليائين. حضور ﷺ جن پنهنجن چاچن سڳورن سان مشورو ڪري بيبي صاحبه سان نڪاح ڪيو.

حضور ﷺ جن کي ابراهيم نالي هڪ فرزند ڪانسواءِ (ننڍپڻ ۾ ئي گذاري ويو) باقي سمورو اولاد بيبي خديجه رضه مان ٿيو، جيئن ته قاسم - طاهر - طيب - رقيه - زينب - ام ڪلثوم ۽ فاطمه رضه.

سندن صاحبزادي ابراهيم جي والده بيبي ماريه صاحبه هئي. حضور ﷺ جن جا ٽيئي فرزند، ڪين نبوت ملڻ کان اڳ وفات ڪري ويا. پر، سموريون صاحبزاديون عهد نبوت تائين زنده رهيون، مسلمان ٿيون ۽ حضور ﷺ جن سان مديني ڏانهن هجرت ڪري ويئون.

ڪعبي جي تعمير

جڪڏهن حضور ﷺ جن پنجٽيهن ورهين جي ڄمار جا ٿيا ته مڪي جي قريشن ڪعبي شريف جي نئين سر اڏاوت ڪئي. جڏهن اوساري حجر اسود جي هنڌ تائين پهتي ته ماڻهن ۾ اختلاف ٿي پيو. هر ڪنهن قبيلي جي مرضي هئي ته حجر اسود کي صحيح جاءِ تي رکڻ جو شرف کيس ملي. ڳالهه ايتري وڌي ويئي جو جهڳڙي جو خطرو ٿي پيو. آخر چئن ڄڻن وچ ۾ پئي فيصلو ڪيو ته جيڪو شخص سڀ کان اول مسجد جي دروازي کان

داخل ٿئي، اهو هن معاملي ۾ امانت ڪري. خدا جي قدرت، حضور ﷺ جن ئي سڀ کان اول مسجد ۾ داخل ٿيا. سڀني هڪ زبان ٿي چيو: اهو امين آهي. اهو ئي صحيح فيصلو ڪندو.

حضور ﷺ جن پڇيو ته ماجرا ڇا آهي؟ جڏهن کين سڄي ڳالهه جي خبر پئي، تڏهن فرمايائون ته ڪا چادر کڻي اچو جڏهن چادر آئي ته پاڻ حجر اسود کڻي چادر تي رکيائون ۽ قبيلن جي سردارن کي چيائون ته سڀ چادر کي ڪنڊن ۽ پاسن کان جهلي، حجر اسود کڻي هلن. جڏهن حجر اسود پنهنجيءَ جاءِ تائين پهتو ته پاڻ چادر تان کڻي اڏاوت واري هنڌ تي رکيائون. اهڙي ريت، جهيڙو به ٽري ويو ۽ سڀ قبيلا به خوش ٿيا.

رسالت

مڪي شريف کان اٽڪل ٽن ميلن جي پنڌ تي هڪ غار آهي، جنهن کي "حرا" ڪوٺيندا آهن. حضور ﷺ جن مهينن جا مهينا انهيءَ غار ۾ وڃي رهندا هئا ۽ مراقبي ۾ ويهي غور ۽ فڪر ڪندا هئا. هڪ دفعي ان طرح مراقبي ۾ هئا ته مٿن وحي نازل ٿي:"اقراء"(پڙهه).

پڙھ پنهنجي رب جي نالي سان،

جنهن ڪائنات کي پيدا ڪيو.

جنهن انسان کي گوشت جي لوٿڙي مان پيدا ڪيو.

پڙھ تنهنجو رب ڪريم آهي.

جنهن انسان کي قلم سان علم سيکاريو،

جنهن انسان کي اهو سيکاريو جو کيس معلوم نه هو.

حضور ﷺ جن جڏهن"غار حرا" مان موٽي گهر آيا ته وحيءَ جي اثر ڪري سندن جسم مبارڪ ۾ ڏڪڻي هئي. بيبي خديجه رضه سان سچي حقيقت ڪيائون، جنهن کين تسلي ڏني ۽ پنهنجي سوٽ ورقه بن نوفل وٽ وٺي ويئي. هو وڏو عالم هو ۽ توريت ۽ انجيل جو ماهر هو. هن ڳالھ ٻڌي، حضور ﷺ جن جي نبوت جي تصديق ڪئي. سڀ کان اول جن ماڻهن حضور ﷺ جن تي ايمان آندو ۽ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيا، تن ۾ بيبي خديجه رضه، حضرت علي رضه، حضرت ابوبڪر رضه ۽ حضرت زيد رضه شامل آهن.

شروعاتي دور ۾ حضور ﷺ جن کي فرض نبوت ادا ڪرڻ ۾ ڪيترين ئي مشڪلاتون درپيش هيون، سو دين جي تبليغ جو ڪم پوشيده نموني ۾ ٿيندو هو. هڪ دفعي پاڻ حضرت علي رضه کي دعوت ڪرڻ لاءِ چيائون. اهو تبليغ اسلام جو پهريون موقعو هو. عبدالمطلب جو سڄو خاندان دعوت تي آيو. حضور ﷺ جن ڪاڌي ڪانپوءِ اٿي بيٺا ۽ سڀني جو ڌيان ڇڪائي چيائون ته،"مان اهو پيغام کڻي آيو آهيان جو دين ۽ دنيا ٻنهي لاءِ ڪافي آهي. هن نيڪ ڪم ۾ منهنجو ساٿ ڪير ڪير ڏيندو؟" سڄي محفل ۾ خاموشي ڇانئجي ويئي. حضرت علي رضه پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽ چيائين،"توڙي جو مون کي اک جو عارضو آهي، ٽنگن ۾ تڪليف اٿم، سڀني ۾ ننڍو آهيان، پر مان اوهان جو ساٿ ڏيندس". قريشن کي جڏهن ان واقعي جي خبر پئي تڏهن کلڻ لڳا ته ٻه ڄڻا هليا آهن دنيا جي قسمت جو فيصلو ڪرڻ. پر ڪين خبر ڪانه هئي ته قدرت کي اڳتي ڇا منظور آهي.

تاريخ ان حقيقت تي شاهد آهي ته سچ کي جيترو زور سان دٻائبو آهي ايترو ئي زور سان اڀرندو آهي. چنانچه، قريشن ۽ ڪافرن مسلمانن کي هيسائڻ شروع ڪيو. پر

ائين ڪرڻ سان مسلمانن جو ايمان هيڪاري مضبوط ٿيو ۽ هو بي ڊپا ٿي دين اسلام جي تبليغ ڪرڻ لڳا. ستت ئي حضرت حمزه رضه ۽ حضرت عمر رضه مسلمان ٿيا. جن هيڪاري مسلمانن جا حوصلا بلند ڪري ڇڏيا. حضرت عمر جو مسلمان ٿيڻ در حقيقت تاريخ اسلام جو هڪ اهم واقعو هو. ان ڪانپوءِ مسلمان کليو کلايو ڪعبة الله ۾ نماز پڙهڻ لڳا. ڪجھ وقت بعد مسلمانن جي هڪ چڱي جماعت بنجي ويئي، جنهن ۾ تقريباً چاليھ ڄڻا شامل هئا. حضور ﷺ جن ڪعبة الله ۾ وڃي توحيد جو اعلان ڪيو. ڪافرن کي اها ڳالھ ڏاڍي ڏکي لڳي وڏو هنگامو برپا ٿي ويو. حضور ﷺ جن جو ساٿي حضرت حارث بن ابي هاله ان وقت گھر ۾ هو، سو هنگامي جي خبر ٻڌڻ شرط حضور ﷺ جن جي بچاءَ لاءِ ڪعبي ڏانهن ڊوڙيو. رستي تي مٿس ڪافرن تلوارن سان حملو ڪيو، زخمي ٿي ڪري پيو ۽ خدا جي راھ ۾ دم ڏنائين. حضرت حارث اسلام ۾ پهريون پهريون شهيد هو.

قريشين مسلمانن تي ظلم جي باھ ٻاري ڏني. جڏهن سج ڪاپار تي چڙهي ايندو هو ۽ تپت وڌي ويندي هئي تڏهن غريب مسلمانن کي تتل واريءَ تي دسي، ڇاتيءَ تي وڏا

وڏا پٿر رکي چڙهندا هئا ته پاسو نه ورائي سگهن. لوهه جي سيخن کي باهه ۾ تپائي ڏنڀ ڏيندا هئا يا وارن کان جهلي پاڻيءَ ۾ غوطا ڏيندا هئا ته هاڻي ٻڌايو ته ڇا ٿا چئو؟ مسلمان جواب ۾ هڪ ئي ڳالهه چوندا هئا: "لا اله الاالله محمد رسول الله صلى الله عليه وسلم".

جڏهن ڪافرن جا عذاب حد کان وڌي ويا تڏهن حضور صلى الله عليه وسلم جن مسلمانن کي اجازت ڏني ته حبش ڏانهن هجرت ڪري وڃن. حبش ۾ نجاشي نالي هڪ انصاف پسند بادشاهه هو. هن مسلمانن جي وڏي تعظيم ڪئي ۽ پاڻ وٽ هر طرح سکيو رکيو.

ڪجهه ڏينهن کانپوءِ ابو طالب ۽ بيبي خديجه رضه هڪ هڪ ٿي هي جهان ڇڏي ويا. حضور صلى الله عليه وسلم جن لاءِ ڏاڍا ڏکيا ڏينهن اچي ويا. هاڻي قريشي بي ڌپا ٿي کين ستائڻ لڳا. آخر جڏهن قريشين جو ظلم وڌي ويو ۽ مڪي ۾ حضور صلى الله عليه وسلم جن جي رهائش ڏکي ٿي پئي تڏهن پاڻ طائف ڏانهن روانا ٿيا، جتي وڏا وڏا رئيس ۽ خانداني ماڻهو رهندا هئا. حضور صلى الله عليه وسلم جن وٽن ويا ۽ کين اسلام جي دعوت ڏنائون. پر هنن ظالمن سخت رکائي ڏيکاري ۽

حضور ﷺ جن جي حد درجي دل آزاري ڪئي. حضور ﷺ جن واپس مڪي موٽي آيا. اتي ته ڪافرن تي ڪا به جهل پل نه هئي. هو حضور ﷺ جن کي جسماني تڪليفون ڏيڻ لڳا، سندن رستي ۾ ڪنڊا اڇلائيندا هئا، سندن جسم مبارڪ تي گرم خاڪ ڦٽي ڪندا هئا، نماز پڙهندا هئا ته مٿن اوجهري اڇلائيندا هئا، مطلب ته ڪين طرح طرح جون تڪليفون ڏيندا هئا ته جيئن پاڻ دين اسلام جي تبليغ ڇڏي ڏين.

ائين به چوندا هئا ته پاڻ سڳورا دين اسلام جي تبليغ نه ڪن ته اسان ڪين مڪي جو امير بڻايون. پر حضور ﷺ جن جو جواب هو ته جيڪڏهن قريشي مون کي هڪ هٿ تي سج ۽ ٻئي هٿ تي چنڊ آڻي ڏين، تڏهن به مان اهو ئي چوندس، جنهن جو مون کي الله جي طرفان حڪم مليل آهي.

معراج

حضور ﷺ جن جي طائف کان واپسيءَ کان پوءِ معراج جو واقعو پيش آيو، يعني الله پاڪ جي حڪم سان ڪين راتو رات زمين ۽ آسمانن جو سير ڪرايو ويو ته

جيئن پاڻ قادر جي قدرت ۽ سلطنت عظيمه جو معائنو فرمائين. مطلب ته الله پاڪ جيتري قدر گهريو، اوتري قدر پنهنجي پياري ۽ نوازيل ٻانهي کي پنهنجون نشانيون ڏيکاريون.

معراج جي واقعي کي سيرت ۾ خاص اهميت آهي ان ۾ عقلمندن لاءِ عبرت، هدايت ۽ رحمت آهي. مڪي جي ڪافرن کي ته معراج جي واقعي تي اعتبار ڪو نه آيو. سڀ کان پهريون شخص جنهن معراج جي معاملي ۾ حضور صلى الله عليه وسلم جن جي تصديق ڪئي، اهو ابوبڪر رضه هو. چنانچه، ان ڳالهه ڪري کيس صديق(سچي) جو خطاب مليو.

هجرت

جڏهن مڪي ۾ مسلمانن جو رهڻ اصل ڏاڍو ڏکيو ٿي پيو ته حضور صلى الله عليه وسلم جن کين مديني ڏانهن هجرت جو حڪم ڏنو. ڪجهه وقت بعد پاڻ به حڪم الاهيءَ سان هجرت جو ارادو فرمايائون.

هجرت کان به ٿي ڏينهن اڳ پاڻ سڳورا حضرت ابوبڪر صديق رضه جي گهر ويا ۽ کيس پنهنجي ارادي کان

واقف ڪيائون. پٺيان ڪافرن سندن گهر کي گهيري ۾ ورتو. هڪ رات ساعت سڳوري ڏسي پاڻ ۽ حضرت ابوبڪر رضه ٻاهر نڪتا. ڪعبي تي نظر وڌائون ۽ فرمايائون:"اي مڪي جا شهر، تون مون کي سڄيءَ دنيا کان پيارو آهين. پر تنهنجا فرزند مون کي رهڻ نٿا ڏين." پاڻ سڳورا ۽ حضرت ابوبڪر رضه مڪي شريف کي الوداع چئي ٻاهر نڪتا. پٺيان حضرت علي رضه، حضور ﷺ جن جي بستري تي آرام فرمايو. صبح ٿيو ته ڪافر، حضرت علي کي حضور ﷺ جن جي بستري تي ڏسي حيران ٿي ويا، ۽ حضور ﷺ جن جي پٺيان ڊوڙيا، پر جنهن کي رب رکي، ان کي ڪهڙو لهر لوڏو. چنانچه ڪافر مڙني حيلن وسيلن هوندي به سندن وار ونگو ڪري نه سگهيا ۽ پاڻ خير سلامتيءَ سان ٽن سو ميلن جو سفر، پنهنجي يار غار، حضرت ابوبڪر صديق رضه سان گڏ پورو ڪري، مديني تشريف فرما ٿيا.

مديني جو سڄو شهر سندن استقبال لاءِ منتظر هو. هر دل جي اها ئي تمنا هئي ته الله جي رسول جي ميزبانيءَ جو شرف ڪيس نصيب ٿئي.هر قبيلو اڳواٽ اچي ڪين عرض

ڪرڻ لڳو ته منهنجو گهر ۽ مال سڀ ڪجھ اوهان جي ملڪيت آهي. پاڻ دعا ڏيندا اڳتي وڌندا ٿي ويا. جيئن جيئن حضور ﷺ جي سواري مديني شهر کي ويجهي پوندي ٿي ويئي، تيئن تيئن انصارن جو جوش خروش وڌندو ٿي ويو. هو شمع رسالت تان پتنگن وانگر پاڻ گهورڻ لڳا. مديني جي رهواسين جي خوشيءَ ۽ جذبي جي اها حالت هئي، جو پرده نشين خاتون ڇتين تي چڙهي ڳائي رهيون هيون:

طلع البدر علينا: اسان تي چنڊ اڀريو آهي.

من ثنيات الوداع: وداع جبل جي گهاٽين مان.

وجب الشڪر علينا: اسان تي خدا جو شڪر واجب آهي.

مادعيٰ لله داع: جيسين دعا گهرڻ وارا دعا گهرن.

معصوم نينگريون دف وڄائي، ڳائي رهيون هيون:

نحن جوار من بني النجار: اسان نجار خاندان جون نينگريون آهيون.

يا حبذا محمد اً من جار: محمد ﷺ ڪهڙو نه سٺو پاڙيسري آهي!

جتي اڄڪلهه مسجد نبوي آهي، اتي حضرت ابو ايوب انصاريءَ جو گهر هوندو هو. حضور ﷺ جن جنهن ڏاچيءَ تي سوار هئا، ان کي آزاد ڇڏيو ويو. ڏاچي خود بخود اچي حضرت ابو ايوب انصاري جي گهر وٽ پهتي ته حضور ﷺ جن حضرت ايوب انصاريءَ واري گهر ۾ ٽڪيا. جڏهن مسجد نبوي ۽ آس پاس جا حجرا ٺهي ويا، تڏهن اتي لڏي وڃي ويٺا.

قبلي جي مقرري

هر گروهه، هر قوم، هر مذهب لاءِ هڪ خاص نشان هوندو آهي، جنهن ڪانسواءِ ان جي مستقل هستي قائم رهي نه سگهندي آهي. اسلام ۾ اهو نشان "نماز جو قبلو" آهي. مسلمانن لاءِ هجرت جي وقت تائين نماز جو قبلو بيت المقدس هوندو هو. هجرت ٿيڻ بعد الله پاڪ جو حڪم آيو ته پنهنجو منهن ڪعبة الله ڏانهن ڪريو ۽ جتي به هجو اتي ڪعبي شريف ڏانهن منهن ڪندا ڪريو. انهيءَ حڪم ملڻ بعد مسلمانن ڪعبي شريف کي پنهنجو قبلو بنايو.

غزوه بدر

قريشين حضور ﷺ جن جي مديني ۾ سڪونت پذير ٿيڻ شرط جنگ جون تياريون شروع ڪري ڏنيون هيون، مديني تي حملي لاءِ سڀ کان وڏي ضرورت جنگي سامان جي هئي. جڏهن قريشين جو هڪ وڏو واپاري قافلو شام ملڪ ڏانهن ويو ته مڪي جي قريشين پنهنجو سمورو گڏ ڪيل سرمايو جنگي سامان جي خريداري لاءِ شام موڪليو. حضور ﷺ جن کي جڏهن اها خبر پيئي ته 12- رمضان سنه 2 هجري تي پاڻ ٽن سون جان نثارن سان ڪافرن جي مقابلي لاءِ مديني مان نڪتا.

هوڏانهن مڪي ۾ جڏهن اها خبر پهتي ته قريش هزار ماڻهن جو انبوهه ساڻ ڪري، مسلمانن جي مقابلي لاءِ نڪتا.

بدر وٽ مقابلو ٿيو. ڪافرن جي فوج ۾ ڪا به ترتيب ۽ صف بندي ڪا نه هئي، هوڏانهن حضور ﷺ جن پنهنجن هٿن سان مسلمانن جي صفن کي درست ڪري رهيا هئا. زبردست جنگ لڳي. قريشي پنهنجي ناموس لاءِ وڙهي رهيا هئا، مسلمان الله جي دين جي سوڀ لاءِ لڙي

رهيا هئا. الله پاڪ سندن منهن مٿي ڪيو. ڪافر ميدان جنگ مان ڀاڄ ڪائي مڪي پهتا. مسلمان پنهنجي رب جو شڪر ۽ ثنا ڪندا، ڪامياب ۽ ڪامران، مديني منوره ۾ موٽي آيا.

غزوه احد

عربن ۾ اهو دستور هوندو هو ته انتقام ڪڍهن ڪو نه ڇڏيندا هئا. بدر ۾ قريشين جا ستر ماڻهو مئا هئا، جي قريشين جي مٿي جا موڙ هئا. چنانچه، جڏهن قريشين ساهه پٽيو ته بدر جو انتقام وٺڻ لاءِ وري جنگ جي تياري ڪيائون. جڏهن سڀ تياريون مڪمل ڪيائون، تڏهن مديني روانا ٿيا ۽ اربع ڏينهن اچي احد جبل وٽ منزل انداز ٿيا.

حضور ﷺ جن ڪافرن جي مقابلي لاءِ هڪ هزار مسلمانن سان مديني مان نڪتا ۽ احد جبل کي پٺيان رکي، پنهنجي لشڪر جي صف بندي ڪيائون.

سخت جنگ لڳي، نيٺ مسلمانن ڪافرن جا پير اکيڙي وڌا. مسلمانن ڀانيو ته ڪافر اجهي ڀڳا، سي فتح جي خوشيءَ ۾ حضور ﷺ جن جي حڪمن کي وساري،

دشمنن جو ڇڏيل مال اسباب ميڙڻ ۾ لڳي ويا. هوڏانهن، ڪافرن اهو وجهہ وٺي، جبل جي پٺيان مٿن اهڙو ته اوچتو حملو ڪيو جو ڪنهن کي ڪل ڪا نه رهي ته ڇا ٿي ويو. اک ڇنڀ ۾ مسلمانن جي سوڀ هار ۾ تبديل ٿي ويئي. جڏهن ٻئي فوجون الڳ ٿيون ته مسلمان زخمن ۾ چور هئا. جڏهن مديني پهتا ته هر طرف جنگ احد جو افسوس هو.

غزوه خندق

غزوه "خندق" تي اهو نالو ان ڪري پيو، جو حضور ﷺ جن پنهنجي صحابيءَ حضرت سلمان فارسيءَ جي مشوري تي انهيءَ جنگ ۾ بچاءَ لاءِ ”کاهي“ کوٽائي هئي.

يهودين جڏهن اهو ڏٺو ته مسلمان مديني ۾ زور وٺي رهيا آهن، تڏهن هنن مڪي جي قريشن سان ملي سازش ڪئي ته هڪ زبردست لشڪر گڏ ڪري مديني تي حملو ڪجي ۽ مسلمانن کي ختم ڪري ڇڏجي. پر کين سخت ناڪامي ٿي ۽ وڏي ساري لشڪر جي باوجود جاني ۽ مالي نقصان پرائي ناڪام موٽيا.

جنگ خندق ۾ حضور ﷺ جن ٻين عام مسلمان سپاهين سان گڏ مٽي ڍوئي ۽ پيٽ سان پٿر ٻڌا. ان موقعي تي اهڙو

ته زبردست طوفان آيو، جو ڪافرن جي تنبن جون پاڙون پٽجي ويون ۽ چلهين تي چڙهيل ديڳيون اونڌيون ٿي ويون.

چنانچه انهيءَ ڳالهه ڏانهن خود قرآن مجيد ۾ اشارو آهي ته "مسلمانو خدا جو احسان ياد ڪريو، جڏهن اوهان تي فوجون چڙهي آيون ته اسان انهن تي طوفان موڪليو ۽ فوجون موڪليون، جي اوهان کي ڏسڻ ۾ نٿي آيون."

صلح حديبيه

سنه ڇهه هجري ۾ حضور ﷺ جن عمري لاءِ مديني منور مان نڪتا ۽ مڪي ڏانهن روانا ٿيا. پاڻ سڳورا جڏهن مڪي کان نون ميلن جي پنڌ تي حديبيه وٽ پهتا، تڏهن وٽن مڪي وارن جو هڪ وفد آيو ۽ ٻڌايائين ته مڪي جا ماڻهو اوهان کي عمرو ڪرڻ ڪو نه ڏيندا. حضور ﷺ جن جواب ۾ چيو ته اسان ڪنهن سان وڙهڻ ڪو نه آيا آهيون، اسين ته بيت الله جي طواف لاءِ آيا آهيون. ان کان پوءِ مڪي جي قريشين ۽ حضور ﷺ جن جي وچ ۾ قاصد نياپا کڻي ايندا ويندا رهيا. آخرڪار ٻنهي هڪ صلح نامو تيار ڪيو، جيڪو تاريخ اسلام ۾

"صلح حديبيه" جي نالي سان مشهور آهي. صلح حديبيه جا ٽي شرط هئا:

1- مڪي جي قريشين مان جڏهن ڪو به شخص مديني ۾ حضور جن وٽ پناھ لاءِ ويندو ته ان کي واپس ڪيو ويندو.

2- مديني جي مسلمانن مان جڏهن ڪو به شخص مڪي جي قريشين وٽ پناھ لاءِ ويندو ته ان کي واپس ڪو نه ڪيو ويندو.

3- مسلمان ان سال عمرو ڪرڻ بنا واپس هليا ويندا ۽ ايندڙ سال ڪعبة الله جي طواف لاءِ ايندا، پر مسافري جي هٿيارن جهڙوڪ: تلوار ۽ تيرڪمان کان سواءِ وٽن ٻيو ڪو به هٿيار ڪو نه هوندو، هو مڪي ۾ فقط ٽي ڏينهن ٽڪندا.

بظاهر صلح نامي جا شرط مسلمانن جي خلاف هئا، ان ڪري هو ان تي خوش نه هئا. حضرت عمر رضه ته اعتراض به ڪيو، پر حضور ﷺ جن صلح نامي کي بحال رکيو ۽ حديبيه ۾ قرباني ڪري مديني واپس روانا

ٿيا. رستي تي مٿن وحي نازل ٿي ته"اسان اوهان کي ڪليل فتح عنايت ڪئي آهي".

اڳتي هلي صلح حديبيه مسلمانن لاءِ فائديمند ثابت ٿيو ۽ درحقيقت مڪي جي فتح جو پيش خيمو بنيو.

مڪي جي فتح

10- رمضان سنه 8 هجري تي حضور ﷺ جن مسلمانن جي ڏهه هزار لشڪر سان مديني مان نڪري مڪي ڏانهن وڌيا. ڪافرن کي مقابلي جي همت ڪا نه ٿي. جڏهن حضور ﷺ جن مڪي پهتا ته ڪعبة الله مان بت ڪيرائي، اندر نماز ادا ڪيائون. ان موقعي تي پاڻ ارشاد فرمايائون ته:

هاڻي جاهليت جو غرور ۽ نسب جي وڏائي خدا ختم ڪري ڇڏي.

سڀ انسان آدم جي اولاد آهن ۽ آدم مٽيءَ مان خلقيو ويو آهي.

ان ڪانپوءِ قرآن مجيد مان هيءَ آيت پڙهيائون:

"اي انسانو! مون اوهان کي مرد ۽ عورت مان پيدا ڪيو،

۽ اوهان جا قبيلا ۽ خاندان بنايا ته جيئن پاڻ ۾ هڪبئي کي سڃاڻي سگهو.

پر خدا وٽ شريف اهو آهي جو وڏيڪ پرهيزگار هجي.

خدا دانا ۽ سڀ شيءَ جو ڄاڻندڙ آهي".

حضور ﷺ جن جنهن وقت خطاب فرمائي رهيا هئا، ان وقت عرب جا رئيس ۽ قريشن جا وڏا وڏا سردار سندن سامهون هئا. پاڻ کين ڏسي چيائون:

"اوهان کي معلوم آهي ته مان اڄ اوهان سان ڪهڙو سلوڪ ڪرڻ وارو آهيان".

هنن چيو ته شريف پاءُ آهين شريف پاء جو اولاد آهين".

ارشاد فرمايائون:

"وڃو، مون سڀ ڪجھ بخش ڪيو. اوهان آزادو آهيو"

اسلام جي تبليغ

جڏهن ملڪ ۾ حضور صلى الله عليه وسلم جن جو اسم مبارڪ مشهور ٿي ويو، تڏهن ڪيترن ئي ماڻهن کي اهو معلوم ڪرڻ جو شوق ٿيو ته اصل ڳالهه ڇا آهي؟ چنانچه پري پري کان ماڻهو منزلون ۽ مسافريون ڪري وٽن حاضر ٿيڻ لڳا ۽ دين اسلام جي سچائيءَ کان متاثر ٿي مسلمان ٿي موٽڻ لڳا. هزارها ماڻهن جا قبيلا ۽ قبيلن جا اڳواڻ پڻ ان ريت دربار نبويءَ ۾ حاضري ڏيئي اسلام سان مشرف ٿيا، جهڙوڪ قبيله غفار، قبيله اسلم، قبيله اوس ۽ خزرج، قبيله اشجع، قبيله جهينه وغيره. ان کان علاوه اسلام جي تبليغ لاءِ پاڻ ملڪ جي چئني طرفن ڏانهن مختلف جماعتون ۽ وفد موڪلڻ لڳا.

فتح مڪي کانپوءِ انهيءَ تبليغ ذريعي هر هنڌ اسلام تيزيءَ سان پکڙجڻ لڳو ۽ ماڻهو خوشيءَ سان مسلمان ٿيڻ لڳا. قرآن ڪريم جي هيءَ آيت انهيءَ موقعي ڏانهن اشارو ڪري ٿي.

"جڏهن خدا جي فتح ۽ نصرت آئي ۽ اوهان ڏٺو ته ماڻهو فوج در فوج دين ۾ داخل ٿيڻ لڳا."

حجة الوداع ۾ نبوت جي فرض جو اختتام

آخري حج جي موقعي تي حضور ﷺ جن جيڪو خطبو ڏنو ان کي اسلام جي تاريخ ۾ وڏي اهميت آهي. پاڻ فرمايائون:

"اي انسانون! اوهان جو رب هڪ آهي. بيشڪ اوهان جو پيءُ هڪ آهي. هاڻ، عربيءَ کي عجميءَ تي ۽ عجميءَ کي عربيءَ تي، گوري کي ڪاري تي ۽ ڪاري کي گوري تي ڪا به فضيلت ڪانهي، سواءِ پرهيزگاريءَ جي.

مڙئي مسلمان پاڻ ۾ ڀائر آهن. جيڪو اوهان پاڻ کائو، سو غلامن کي کارايو، جو پاڻ ڍڪيو، اهو هنن کي ڍڪايو.

جاهليت جا سڀ خون معاف آهن. سڀ کان اول مان پنهنجي خاندان جو خون معاف ڪريان ٿو. جاهليت جا سڀ وياج حرام آهن. سڀ کان اول مان پنهنجي خاندان جو سود معاف ڪريان ٿو.

عورتن جي معاملي ۾ خدا کان ڊڄو. مردن جو حق عورتن تي آهي ۽ عورتن جو مردن تي.

مان اوهان وٽ هڪ شيءِ ڇڏي وڃان ٿو. جيڪڏهن اوهان ان کي هٿان نه ڇڏيو ته اوهان گمراهه نه ٿيندا. اها شيءِ آهي ڪتاب الله(قرآن مجيد).

جڏهن حضور ﷺ جن خطبو ختم ڪيو ته الله پاڪ قرآن مجيد جي اها آيت نازل ڪئي ته،"اڄ مون توهان لاءِ دين مڪمل ڪيو ۽ پنهنجي نعمت پوري ڪئي ۽ اوهان لاءِ دين اسلام پسند ڪيو."

وفات

حضور ﷺ جن وفات کان ڪجھ ڏينهن اڳ اڌ رات جو مديني کان ٻاهر بقيع الغرقد ڏانهن ويا ۽ قبرستان ۾ اهل ممات لاءِ دعا خير گهريائون. بعد ۾ گهر موٽي آيا. صبح جو آرام مان اٿيا ته ڪين مٿي ۾ سور جي تڪليف ٿي. اهو مرض جو آغاز هو. ڏينهون ڏينهن مرض وڌندو ويو. جڏهن بيماريءَ شدت اختيار ڪئي ته مختلف کوهن مان پاڻيءَ جو ست مشڪون پرائي، غسل ڪري، ماڻهن سان ملاقات ڪيائون. جڏهن بيماري تمام زور وٺي ويئي، تڏهن حڪم ڪيائون ته نماز جي امامت ابوبڪر رضه ڪري. هڪ ڏينهن صبح جو سوير ماڻهو حضرت

ابوبڪر جي امامت ۾، فجر جي نماز پڙهي رهيا هئا ته پاڻ سڳورن مسجد جي دروزاي تان پردو هٽائي، جماعت کي ڏٺو. ٿوريءَ دير بعد واپس موٽي ويا. مسلمانن ۾ سرهائيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي ۽ پانيائون ته سندن صحت بهتر ٿي رهي آهي. پر رب کي ڪجھ ٻيو منظور هو. چنانچه، ٻنپهرن جي مهل هئي، جو الله پاڪ جي آخري رسول ۽ مسلمانن جي ٻنهي جهانن جي سردار، هن جهان مان لاڏاڻو ڪيو.

اوصاف ۽ اخلاق حسنه

حضور ﷺ جن وچولي قد جا هئا. سندن رنگ سفيد ۽ سرخ هو. پيشاني ڪليل هئي ۽ چهرو هلڪو هو، يعني ان تي گوشت گهڻو نه هو. مٿي جا وار ڪلهن تي پوندا هئا. پوئين زماني ۾ سندن سونهاريءَ ۾ ٿورڙا سفيد وار نظر ايندا هئا.

سندن عام لباس چادر، قميص ۽ گوڏ هئي. پانئجي ٿو ته ڪڏهن ڪڏهن پاجامو به استعمال ڪيو اٿن. پيرن ۾ جورابن جي عادت ڪا نه هئي، پر نجاشيءَ کين ڪارا جوراب تحفي طور موڪليا هئا، جي استعمال فرمايائون،

عرب جي دستور موجب مٿي تي عمامو ٻڌندا هئا، جو اڪثر ڪاري رنگ جو هوندو هو. ڪين يمن جون ڌاريدار چادرون پسند هيون. رنگن ۾ سفيد رنگ وڌيڪ وڻندو هو. وقت جي بادشاهن ڏانهن جيڪي خط پٽ ويندا هئا، تن ۾ مهر هڻڻ جي ضرورت پيش ايندي هئي. چنانچه، ان مقصد لاءِ چانديءَ جي منڊي ٺهرايائون، جنهن جي ٿڪ تي"محمد رسول الله" اکر اُڪريل هئا. اها منڊي ساڄي هٿ جي آڱر ۾ پائيندا هئا.

کاڌو سادو کائيندا هئا. ڪدو، کجور، چاهين، گوشت، کير، ماکي ۽ ٿڌو پاڻي ڪين وڻندو هو. اڪثر ڪري کاڌو پنهنجن ساٿين سان گڏ کائيندا هئا. ضرورت کان هميشه گهٽ کائيندا هئا ۽ بعضي ڏينهن جا ڏينهن بنان کاڌي گذاريندا هئا.

سواريءَ ۾ ڪين گهوڙي جي سواري پسند هئي. ڪڏهن ڪڏهن گهوڙن ۾ انن جي گوءِ به ڪرائيندا هئا. ان ڪم جو بندوبست حضرت علي رضه جي بلي هوندو هو.

حضور ﷺ جن پنهنجي وقت جا ٽي حصا مقرر ڪيا هئا، هڪ حصو عبادت الاهيءَ لاءِ ، ٻيو حصو عام خلق لاءِ، ۽ ٽيون حصو پنهنجي ذاتي معاملن لاءِ.

فجر جي نماز کان پوءِ مصلي تي پلٿي ماري وهندا هئا. جماعت جا ماڻهو چوڌاري حقلو ٻڌي وهندا هئا. اها ئي دربار نبوي هوندي هئي. اڪثر ان موقعي تي، پاڻ خلق کي هدايت ۽ نصيحت ڪندا هئا. بعضي بعضي صحابين ۽ ساٿين کان پڇندا هئا ته اوهان رات ڪو خواب ڏٺو آهي؟ پوءِ پاڻ ان جي تعبير ڪندا هئا. ان موقعي تي عام گفتگو ٿيندي هئي- ماڻهو جاهليت جي زماني جا قصا به بيان ڪندا هئا يا ڪل خوشيءَ جون ڳالهيون ڪندا هئا. حضور جن رڳو مشڪندا هئا.

سج جي مٿي چڙهي اچڻ بعد چاشت جي نماز ادا ڪندا هئا. پوءِ گهر وجي پنهنجي ذاتي ڪم ڪارين سان لڳندا هئا، جيئن ته کير ڏهڻ، ڪپڙن کي چتيون هڻڻ وغيره.

ٽن پهرن جي نماز بعد پنهنجين بيبين مطهرات وٽ وڃي گهڙي ساعت ڳالهه ٻولهه ڪندا هئا. پوءِ مسجد ڏانهن ويندا هئا ۽ سومهاڻي جي نماز کانپوءِ گهر اچي آرام ڪندا هئا.

نند ڪرڻ کان اڳ ڪلام پاڪ جي ڪا نه ڪا سورت پڙهندا هئا. اسر جو اٿي عبادت ڪندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن ته سڄيون سڄيون راتيون به عبادت ڪندا هئا.

ماڻهن سان ملاقات وقت اول پاڻ سلام ڪندا هئا ۽ هٿ ڏيندا هئا. ايران ۾ دستور هوندو هو ته جڏهن مجلس ۾ ڪو معتبر ماڻهو ايندو هو ته سڀ ادب کان اٿي بيهندا هئا. ائين به ٿيندو هو ته امير جڏهن دربار ڪندا هئا ته ماڻهو سيني تي هٿ رکي نمي بيهندا هئا. حضور ﷺ جن انهن ڳالهين کان منع ڪندا هئا ۽ چوندا هئا ته جنهن کي اهو پسند آهي ته ماڻهو سندس اڳيان ادب ۾ بيٺا رهن، ان کي پنهنجي جاءِ دوزخ ۾ ڳولڻ کپي.البت جوش محبت ۾ پاڻ مجلس ۾ ڪنهن ڪنهن لاءِ اُٿي بيهندا هئا. چنانچه، سندن نياڻي حضرت فاطمه زهرا جڏهن به ايندي هئي ته پاڻ سگورا اڪثر اٿي بيهندا هئا ۽ سڪ سان نياڻيءَ کي نرڙ تي چمي ڏيندا هئا. اهڙي طرح هيڪر پنهنجي نندِ پڻ جي ٿڃ شريڪ ڀاءُ لاءِ اٿي بيٺا ۽ کيس پنهنجي آمهون سامهون وهاريائون.

حضور ﷺ جن جي گفتگو نرم ۽ آهستي هوندي هئي. جڏهن پاڻ ڪنهن مجلس کي خطاب ڪرڻ نڪرندا هئا ته بادشاهن وانگر نه ڪو خاص لباس زيب تن ڪندا هئا، نه ڪو پيو جاهه جلال پسند ڪندا هئا. سندن هٿ ۾ هڪ لٺ هوندي هئي يا ڪمان، جنهن کي ٽيڪ ڏئي خطبو ڏيندا هئا.

جڏهن فتوحات جو سلسلو شروع ٿيو ته هر هنڌان مال غنيمت اچڻ لڳو. سندن سخاوت جي حد اها هئي ته سمورو مال دولت مسلمانن کي ورهائي ڏيئي ڇڏيندا هئا ۽ پنهنجي لاءِ ڪا شيءَ نه بچائيندا هئا. هڪ دفعي بحرين مان ايترو مال غنيمت آيو، جيترو ڪڏهن به ڪٿان ڪو نه آيو هو. حڪم ڪيائون ته مسجد جي صحن ۾ رکي ڇڏيو. فجر جي نماز پڙهي جڏهن فارغ ٿيا ته مال غنيمت جي تقسيم شروع ڪيائون جڏهن سڀ ڪجهه ورهائي چڪا، تڏهن اٿي کڙا ٿيا.

هڪ دفعي سندن حرم پاڪ بيبي عائشه رضي الله تعالىٰ عنه گهر کي سينگارڻ لاءِ پٽين تي ڪو ڪپڙو هنيو. پاڻ ان کي نا پسند فرمايائون ۽ بروقت لهرائي ڇڏيائون.

سندن اخلاق حسنه ۾ سڀ خوبيون ۽ وصفون هيون، پر جا ڳالھ سڀني کان زياده نمايان هئي، سا هيءَ ته کين ٻين لاءِ ايثار ۽ قرباني پسند هئي.

پاڻ سڳورن کي اولاد سان بي انتها محبت هئي. سندن نياڻي حضرت فاطمه زهرا کين ايڏي تي پياري هئي جو جڏهن به تشريف فرما ٿيندي هئي ته پاڻ اٿي بيهندا هئا ۽ کيس پنهنجيءَ جاءِ تي وهاريندا هئا. پر بيبي صاحبه جي تنگدستيءَ جي اها حالت هئي جو گهر ۾ ڪا نوڪرياڻي ڪا نه هئن. جنڊ ڪاهي بيبي صاحبه جي هٿن ۾ لڦون پئجي وينديون هيون. هڪ دفعي حضور ﷺ جن کان نوڪرياڻي گهرڻ لاءِ آئي پر لڄ ڪري پاڻ ڪجھ ڪچي نه سگهي. اهو ڏسي حضرت علي رضه حضور ﷺ جن کي حقيقت حال کان واقف ڪيو ۽ عرض ڪيو ته فلاڻي هنڌ تان ڪيتريون ئي نوڪرياڻيون آيون آهن. اتان اسان کي هڪ عنايت ٿئي. حضور ﷺ جن چيو ته ائين ٿي نٿو سگهي ته مان اوهان کي نوڪرياڻي ڏيان ۽ اصحاب صفه جي غريب ۽ نادار مسلمانن لاءِ ڪو به خدمتگار نه رهي ۽ هو بک ۾ پيا هجن. حضور ﷺ جن

جي مسڪينن سان ايڏي ته محبت هوندي هئي جو پاڻ دعا گهري اٿن ته:

"يا الله، مون کي ڏينهن قيامت جي مسڪينن سان گڏ اٿار"

*

اسان توکي سڀني جهانن لاءِ رحمت بنائي موڪليو آهي. (القرآن)